

سنڌي

# جنت جون نعمتون


شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علّامه مولانا ابو بلال

مُحمّد اِلياس عطّار قادِري رَضَوي

دامت برکاتهم العاليه

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي
ڇڏيو اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰھُمَّ افۡتَحۡ عَلَیۡنَا حِکۡمَتَكَ وَانۡشُرۡ عَلَیۡنَا رَحۡمَتَكَ یَا ذَاالۡجَلَالِ وَالۡاِکۡرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج 1 ص40 دار الفڪربيروت)



طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: جنت جون نعمتون
ڇاپو پهريون: شوال المڪرم 1441هه، مئي 2020ع
تعداد:
ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه
دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه
**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**
جو اُردو زبان ۾ رسالو

# جنت جون نعمتون

## ترجمو پيشڪش

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**
**مڪتب ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي مندي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# جنت جون نعمتون

## دُرود شريف جي فضيلت

سرڪار مدينہ، راحت قَلْبُ و سِيْنَہ، صَاحِبِ مُعَطَّر پسينہ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عافيت نشان آهي. اي ماڻهون! بيشڪ قيامت جي ڏينهن ان جي دهشتن ۽ حساب ڪتاب ڪان جلدي نَجات پائڻ وارو اهو شخص هوندو جنهن توهان مان مون تي دنيا جي اندر ڪثرت سان دُرود پاڪ پڙهيا هوندا. (الفردوس ج 5 ص375 حديث8210)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## چغل خور ڪڏهن بہ سچو نٿو ٿي سگهي

**جڏهن** بہ اوهان وٽ ڪير اچي ڪري ڪنهن جي **غيبت** ڪري ان تي بالڪل اعتماد نہ ڪريو ڇو جو **غيبت** ڪرڻ جي سبب اهو فاسق ٿي ويندو آهي ۽ فاسق جي خبر مُعتَبَر نہ هوندي آهي، حضرت **سيّدنا امام محمّد بِن شِهاب** زُهري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ ڀيري بادشاه **سُلَيمان بِن عَبدُالمَلِڪ** وٽ تشريف فرما هئا. هڪڙو ماڻهو آيو تہ بادشاه ناپسند انداز سان انکي چيو تہ مونکي خبر ملي آهي تو منهنجي خلاف فلاڻي فلاڻي ڳالهہ ڪئي آهي. هن جواب ڏنو مان تہ اهڙو ڪجهہ بہ نہ چيو آهي، بادشاه اِصرار ڪندي چيو تہ جنهن مونکي ٻڌايو آهي اهو سچو ماڻهو آهي تہ حضرت سيّدنا امام زُهري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بادشاه کي مخاطب ٿي ڪري فرمايو **(اوهان کي جنهن اها خبر ڏني اهو تہ چغلي**

هٽڻ وارو ٿيو ۽) ”چغل خور ڪڏهن بہ سچو نٿو ٿي سگهي!“ هي ٻڌي ڪري بادشاھ سنيلجي ويو ۽ چوڻ لڳو! حضور اوھان بالڪل نيڪ فرمايو پوءِ ان شخص کي چيائين اِذهَب بِسلامِ يعني **تون سلامتي سان واپس وڃ**. (احياءالعلوم ج3ص193)

## سيدنا عمر بن عبدالعزيز جو طرزِ عمل

اَمِيرُالمُؤمِنِين حضرت سيّدنا عُمر بن عبدالعزيز رحمۃاللہعلیہ جي خدمتِ با برڪت ۾ هڪ شخص حاضر ٿيو ان ڪنهن جي باري ۾ ڪا بُري (مَنفِي NEGATIVE) ڳالھ ڪئي پاڻ رحمۃاللہعلیہ فرمايو. جيڪڏهن تون چاهين تہ اسان تنهنجي معاملي جي تحقيق ڪيون، جيڪڏهن تون ڪوڙو نڪرندين تہ هن آيتِ مبارڪ جو مِصداق ٿيندي:

اِنْ جَآءَكُمْ فَاسِقٌۢ بِنَبَاٍ فَتَبَيَّنُوْۤا

**ترجمو :** جيڪڏهن ڪو فاسق توهان وٽ ڪا خبر آڻي تہ پوءِ تحقيق ڪري وٺو. (پ. 26، الحجرات، 6)

**اگر تون سچو هوندين تہ هيءَ آيتِ ڪريمہ تو تي صادق ايندي :**

هَمَّازٍ مَّشَّآءٍۭ بِنَمِيْمٍ ﴿۱۱﴾

**ترجمو ڪنزالايمان :** گهڻو طعنا هڻندڙ وڏو چغلخور. (پ 29 القلم 11)

**جيڪڏهن** تون چاهين تہ اسان توکي معاف ڪيون. عرض ڪيو يَا اَمِيرَالمُؤمِنِين! معاف فرمائي ڇڏيو. آئينده مان ائين (غيبتون ۽ چغل خوريون) نہ ڪندس. (احياءَالعلوم ج3 ص193)

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي انھن تي رحمت ھجي ۽ انھن جي صدقي اساںجي مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## تون مون وٽ ٽي برائيون کڻي آئين

**ھڪ شخص** ڪنھن بزرگ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي بارگاھ ۾ حاضر ٿي ان کي ان جي دوست جون ڪجھ مَنفِي (NEGATIVE) ڳالھيون ٻڌايون، ان تي ھن (**بزرگ** رَحْمَةُ الله عَلَيْه) ارشاد فرمايو. افسوس! تون مون وٽ ٽي برائيون ڪٽي آئين (1) مونکي منھنجي **اسلامي ڀاءُ** کان نفرت ڏيارئي (2) ان جي ڪري منھنجي دل کي (تشويش ۽ وسوسن ۾) مشغول ڪئي ۽ (3) ۽ پنھنجي امين (امانتدار) نفس تي تھمت لڳائي (يعني مان تہ تو کي اَمانتدار سمجھندو ھيس پر تون تہ پيٽ جو ھلڪو نڪتين!). (احياءُ العلوم ج3 ص193)

## محبت جي چورن کان بچو

**بزرگانِ دين** رَحْمَةُ الله عَلَيْه فرمائن ٿا عقل جي دشمنن ۽ محبتن جي چورن کان بچو اھي چور بدگوئي (خراب ڳالھيون) ڪرڻ وارا ۽ چغلي ھڻڻ وارا آھن ۽ چور تہ مال چورائيندا آھن جڏھن تہ ھي (غيبتون **ڪرڻ ۽ چغليون ھڻڻ وارا ماڻھو) محبتون چورائيندا آھن.** (المستطرف ج1 ص 151)

## جدا ٿيڻ تائين حالت جھاد ۾

**حضرت سيّدنا** مَنصُور بِن زَاذَان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: **الله** عَزَّوَجَلَّ جو قسم! مون وٽ عمومًا جيڪو بہ اچي ويھندو آھي اھو جيستائين ھليو نہ

وجي مان جڏهن ته ان سان حالتِ جهاد ۾ هوندو آهيان. ان جي ڪري ته اهو مونکي منهنجي دوستن سان مُتَنَفِّر ڪرڻ (يعني نفرت ڏيارڻ کان) مڙندو ناهي. (نہ بچندو آهي) يا منهنجي **غيبت** ڪرڻ وارن جون **غيبتون** مون وٽ پهچائي مونکي تشويش ۾ وجهندو ۽ آزمائش ۾ مبتلا ڪندو آهي. (تَنبِيه المُغتَرِين ص 196)

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مجھے غیبتوں سے بچا یاالٰہی | بچوں چغلیوں سے سدا یاالٰہی
کبھی بھی لگاؤں نہ تہمت کسی پر | دے توفیق صدق و وفا یاالٰہی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## مدني چينل جي بدولت مرڻ کان 17ڏينهن پهريان ايمان ملي ويو

**صديق آباد** (**باب المدينہ ڪراچي**) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ 20 اپريل 2009 سومر جي ڏينهن باب المدينہ ڪراچي جي تقريبًا 50 سالن کان رهائشي هڪ غير مسلم مدني چينل تي جڏهن اسلام جي حقيقي تعليم کي ڏٺو تہ متاثر ٿي اسلام قبول ڪيائين، ان جو اسلامي نالو محمد صديق رکيو ويو، هو خميس تي **دعوتِ اسلامي** جي **عالمي مدني مرکز فيضان مدينہ** جي ٿيڻ واري هفتي وار **سنّتن ڀريي اِجتماع** ۾ شريڪ ٿيو ۽ اَلحَمدُ لِلّٰه هٿوهٿ عاشقانِ رسول سان گڏ دعوتِ اسلامي جي سُنّتن جي تربيت جي 12 ڏينهن جي مَدَني قافلي جو مسافر بڻجي ويو، **مدني قافلي** کان واپس

اچڻ جي بئي يا ٽئين ڏينهن ڪـكـري گـراؤنـڊ **باب الـمـديـنـہ** ڪـراچـي جي ويـجـهـو هـڪ گـاڏيءَ ان کي چيپاٽي ڇڏيو اهو حادثو حياتي وننڌڙ ثابت ٿيو. هن طرح هو اسلام جي انمول دولت سان مالامال ٿيڻ جي تقريبًا 17 يا 18 ڏينهن کان بعد هن دنيا کان رخصت ٿي ويو، **الله** تعاليٰ ان جي مغفرت فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِیۡن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مدنی چینل کی مہم ہے نفس و شیطاں کے خلاف　　جو بھی دیکھے گا کریگاان شاءاللہ اعتراف
نفسِ امّارہ پہ ضرب ایسی لگے گی زوردار　　کہ ندامت کے سبب ہو گا گنہگار اشکبار

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب!　　صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد
تُوبُوا اِلَی اللهِ!　　اَسْتَغْفِرُ الله
صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب!　　صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## مرڻ ڪان پهريائين ڪـو سڌري پـونـدو آهـي تـہ ڪـو خراب

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه خوش نصيب ٻانهي کي موت کان صرف 17 يا 18 ڏينهن پهريان اسلام جي دولت نصيب ٿي وئي، **الله** قدير عَزَّوَجَلَّ جي خُفيہ تَدبِير ڪنهن جي ٻاري ۾ ڇا آهي اهو ڪنهن کي معلوم ناهي، **الله** عَزَّوَجَلَّ بي نياز آهي ڪير تہ پنهنجي پوري عمر ڪُفر ۾ گذاري پر مرڻ جي وقت ايمان جي دولت سان سرفراز ٿي وڃي، جڏهن تہ ڪو سڄي عمر نيڪين ۾ گذارڻ جي باوجود مرڻ جي وقت بري خاتمي سان مرندو آهي، اسان ربّ ذُوالجَلال عَزَّوَجَلَّ کان پناهہ جو سوال ٿا ڪيون. هڪ عبرت ڀري حديث پاڪ ملاحظ فرمايو: **اُمُّ الۡمُؤمِنِين** حضرت

سَيِّدَتُنا عائشہ صديقہ رضی اللہ عنہا کان مروي آهي تہ جڏهن **الله** تعاليٰ ڪنهن ٻانهي سان ڀلائيءَ جو ارادو فرمائيندو آهي تہ ان جي مرڻ کان هڪ سال پهريان ئي هڪ فرشتو مقرر فرمائيندو آهي جيڪو ان کي سڌي راهہ تي لڳائيندو رهندو آهي ايستائين جو هو خير (ڀلائيءَ) تي مري ويندو آهي ۽ ماڻهو چوندا آهن فلاڻو شخص سٺي حالت ۾ فوت ٿيو آهي،جڏهن اهڙو خوش نصيب ۽ نيڪ شخص مرڻ لڳندو آهي تہ ان جو روح نڪرڻ ۾ جلدي ڪندو آهي ان وقت هو **الله** عَزَّوَجَلَّ سان ملاقات کي پسند ڪندو آهي. ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ ان جي ملاقات کي، جڏهن **الله** عَزَّوَجَلَّ ڪنهن سان برائيءَ جو ارادو ڪندو آهي تہ مرڻ کان هڪ سال پهريان هڪ شيطان ان تي مسلّط ڪندو آهي جيڪو ان کي دوکو ڏيندو رهندو آهي ايستائين جو هو پنهنجي بدترين وقت ۾ مري ويندو آهي،ان وٽ جڏهن موت ايندي آهي تہ ان جي جان ڦاسڻ لڳندي آهي ان وقت هي **الله** عَزَّوَجَلَّ سان ملڻ کي پسند نہ ڪندو آهي ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ ان سان ملڻ کي.

(مُسنَد اِبن راهوِيہ ج : 3 ص 503)

ایمان پہ دے موت مدینے کی گلی میں
مدفن مرا محبوب کے قدموں میں بنادے

## ايمان جي بهار آئي فيضانِ مدينہ ۾

سلطان آباد (باب المدينہ ڪراچي) جي اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ اسان جي علائقي ۾ هڪ غِير مُسلم (عمر تقريبًا 30 سال) پنهنجي دوستن سان رهندو هو جنهن ۾ ڪجهہ مسلمان بہ هئا. اجڪلهہ جي اڪثر نوجوانن وانگر هو بہ ڪيبل تي فلمون ۽ ڊراما ڏسندا هئا. جڏهن رمضان المبارڪ 1429 هہ ۾ **مدني چينل** جو آغاز ٿيو تہ ڪيبل تي ان جا مدني سلسلا جاري ٿيا، ان غير مسلم جڏهن اهي سلسلا ڏٺا تہ ان

ڪي ڏاڍا سنا لڳا، هاڻي هو اڪثر مدني چينل ئي ڏسندو هو، مدني چينل جي برڪت سان آخر ڪار ڪُفر جي اونداهي کان نجات وٺڻ ۽ اسلام جي نور سان پنهنجي دل کي چمڪائڻ لاءِ **دعوتِ اسلاميءِ** جي **عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ** ۾ حاضر ٿيو ۽ ڪلمو پڙهي ڪري مسلمان ٿي ويو. پوءِ هي اسلامي ڀاءُ هفتيوار سنّتن ڀريي اجتماع ۾ هزارين اسلامي ڀائرن ۽ مدني چينل جي ناظرين جي سامهون سَرڪارِ غوثِ اعظم رحمۃ اللہ علیہ جو مريد ٿي قادري رضوي بہ ٿي ويو، باجماعت نماز جي پابندي شروع ڪيائين. چهري تي ڏاڙهي شريف بہ سجائي، ڪڏهن ڪڏهن سبز سبز عمامو شريف پائي ڪري ان جو فيض بہ حاصل ڪرڻ لڳو. دعوتِ اسلامي جي **مدرسة المدينہ (بالغان)** ۾ قرآن مجيد پڙهڻ جو سلسلو بہ شروع ڪيائين ۽ **صحراءِ مدينہ مدينة الاولياء** ملتان شريف ۾ ٿيڻ واري **دعوتِ اسلامي** جي ٽن ڏينهن واري بَينُ الاَقوَامي سنّتن ڀريي اِجتماع ۾ شريڪ بہ ٿيو **الله** تعاليٰ ان کي ۽ اسان سڀني کي ايمان تي ثابت قدم رکي.

ناچ گانوں اور فلموں سے یہ چینل پاک ہے مدنی چینل حق بیاں کرنے میں بھی بے باک ہے
مدنی چینل میں نبی کی سنتوں کی دھوم ہے اور شیطانِ لعیں رنجور ہے مغموم ہے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## غيبت ڪرڻ واري جي دعا قبول ناهي ٿيندي

**حضرت سيّدنا فقيہ** اَبُوالّلَيث سَمرقَندِي رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا ٽن ماڻهن جي دعا قبول ناهي ٿيندي (1) جيڪو حرام مال کائيندو هجي (2)

جيڪو گهٽي **غيبت** ڪندو هجي (3) جيڪو مسلمانن سان حَسّد ڪندو هجي. (تَنبِيہُ الغَافِلِين ص95)

## جنت جي ضمانت

**نبِيّن جي سُلطَان،** رَحمَتِ عَالَمِيان، مَحبوبِ رَحمان صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ برڪت نشان آهي: جيڪو شخص پنهنجي گهر ۾ ويٺو هجي. ۽ ڪنهن مسلمان جي **غيبت** نہ ڪري تہ **الله** تعاليٰ ان لاءِ (**جنّت** جو) ضامن آهي. (المعجم الاوسط لِلطبراني ج3 ص 46 حديث 3822)

## جنت ۾ آقاﷺ جو پاڙيسري

**حضرت سَيِّدُنا اَبُوسَعِيد خدري** رضِی اللہ عَنْہ بيان ڪن ٿا تہ رَسُولُ الله صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو شخص صَحِيح طرح نَماز پڙهندو هجي، ان جا عيال (يعني گهرياتي) گهٽا ۽ مال ٿورو هجي ۽ اهو شخص مسلمانن جي **غيبت** نہ ڪندو هجي تہ مان ۽ اهو (**شخص**) جنّت ۾ هن ٻن وانگر هونداسين. (يعني پاڻ ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم شهادت جي آڱر ۽ وچ واري آڱر ملائي ڏيکاري). (مُسنَد اَبِي يَعلي ج1 ص 428 حديث 986)

## "يارب اسان کي جنت نصيب فرماءِ"
## جي 22 پاويهن اکرن جي نسبت سان جنت جون 22 جهلڪيون

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** سُبحٰنَ اللّٰہ ذڪر ڪيل حديثِ پاڪ ۾ جنّت جي اندر مديني جي تاجوَر صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پاڙيسري ٿيڻ جو ڪهڙو (نہ) خوب مدني نسخو بيان ڪيو ويو آهي سُبحَانَ الله، سُبحَانَ الله، سُبحَانَ الله جنّت جي عظمت جي بہ ڇا ڳالهہ ڪجي. **دعوتِ اسلامي**

جي اِشاعتي اَداري مَڪتبةُ المَدِينہ جي شايع  ٿيل 1250 صفحن تي مُشتَمل ڪتاب بهارِ شريعت جلد اوّل صفحي 152 کان 162 تي لکيل ”جنّت کے بیان“ مان ڪجھ جهلڪيون ملاحظه فرمايو، اِنْ شَآءَاللّٰه منهن ۾ پاڻي اچي ويندو. الله ربُّ العِزّت عَزَّوَجَلَّ جي رحمت ڀري جنّت جي چاهت ۾ بيقرار ٿي وڃو ۽ ان کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش کي تيز ڪيو جيئن ته لکيل آهي ته ❖ جيڪڏهن جنّت جي ڪا ننهن برابر شيءِ دنيا ۾ ظاهر ٿئي ته تمام آسمان ۽ زمين ان سان سينگارجي وڃن ۽ ❖ جيڪڏهن جنّتيءَ جو ڪنگڻ (هڪ زيور) ظاهر ٿئي ته آفتاب (سج) جي روشني ختم ڪري ڇڏي، جيئن آفتاب تارن جي روشنيءَ کي ختم ڪندو آهي ۽ ❖ جنّت جي ايتري جڳهه جنهن ۾ ڇَهَبُڪ رکي سگهون دنيا ومَا فِيها (يعني دنيا ۽ ان جي اندر جيڪو ڪجھ آهي)ان کان بهتر آهي ❖ جنّت جون پٽيون سون ۽ چانديءَ جي سرن ۽ مشڪ جي گاري مان ٺهيل آهن. ❖ جنّتين کي جنّت ۾ هر قسم جا ذائقيدار ۽ مزيدار کاڌا ملندا ❖ جيڪو چاهيندا فورًا انهن جي سامهون موجود ٿيندو. ❖ جيڪڏهن ڪنهن پکيءَ کي ڏسي ان جي گوشت کائڻ جي دل چوندي ته انهيءَ وقت ڀُڳل پکي انهن وٽ ايندو ❖ جيڪڏهن پاڻي وغيره جي خواهش ٿئي ته ڪوزا (ٺڪر جي ٿانوَ جو هڪ قسم) پاڻ ئي هٿ ۾ اچي ويندا انهن ۾ ٺيڪ اندازي جي مطابق پاڻي، کير، شراب ۽ ماکي هوندي جيڪا انهن جي خواهشن کان هڪ قطرو به نه گهٽ نه وڌ ❖ پيئڻ کان پوءِ پاڻ ئي جتان آيا هئا اتي هليا ويندا ❖ اتي جو شراب دنيا جهڙو ناهي جنهن ۾ بدبو ۽ ڪوڙاڻ ۽ نشو هوندو آهي ۽ پيئڻ وارا بي عقل ٿي ويندا آهن ۽ بيحد غصي ۾ اچي (هوش مان نڪري) خراب ڳالهائيندا آهن، اهو پاڪ شراب انهن سيني ڳالهين کان پاڪ ۽ مُنَزه آهي ❖ اتي نجاست، گندگي، پاخاني،

پيشاب، ٿڪ، نڪ جي غِلاظت، ڪن جي مير ❖ بدن جو مير ۽ اِحتلام (**بلڪل**) نہ هوندو❖هڪ خوشبودار فُرحَت بخش اوڳرائي ايندي، خوشبودار فرحت بخش پگهر نڪرندو ❖ سڄو کاڌو هضم ٿي ويندو ❖ اوڳرائي ۽ پگهر مان مُشڪ جي خوشبو نڪرندي هر وقت زبان مان تَسبيح ۽ تڪبير قصد (**ارادي**) ۽ بلا قصد (**بغير ارادي**) ساهہ وانگر جاري هوندي ❖ گهٽ ۾ گهٽ هر شخص جي سيرانديءَ واري پاسي ڏانهن ڏهہ هزار خادم بيٺل هوندا ❖ خادمن ۾ هر هڪ خادم جي هٿ ۾ چانديءَ جو پيالو هوندو ۽ ٻئي هٿ ۾ سون جو، ۽ هر پيالي ۾ نئين نئين رنگ جي نعمت هوندي. ❖ جيترو کائيندو ذائقي ۾ گهٽتائي نہ ايندي پر زيادتي ٿيندي هر لقمي (**گرهہ**) ۾ 70 مزا هوندا هر مزو ٻئي کان جدا هوندو اهي مزا معًا (**يعنيھڪ ئي وقت**) محسوس ٿيندا هڪ جو احساس ٻئي کان روڪڻ وارو نہ هوندو. جنّتين جا نہ ڪپڙا پراڻا ٿيندا نہ جواني فنا (**ختم**) ٿيندي. جيڪڏهن جنّت جو ڪپڙو دنيا ۾ پاتو وڃي تہ جيڪو ڏسي، بيهوش ٿي وڃي ۽ ماڻهن جو نظرون ان کي برداشت ڪري نہ سگهن. ❖ جيڪڏهن ڪا حور سمنڊ ۾ ٿُڪ اڇلائي تہ ان جي ٿڪ جي مناڻ جي ڪري سمنڊ مٺا ٿي وڃن، ۽ هڪ روايت ۾ آهي جيڪڏهن جنّت جي عورت ست سمنڊن ۾ ٿڪ اڇلائي تہ اهي ماکيءَ کان بہ وڌيڪ مٺا ٿي ويندا ❖ مٿي جي وارن ۽ ڀنبڻن ۽ ڀِرُن کان سواءِ جنّتي جي بدن تي ڪٿي بہ وار نہ هوندا. ❖ سڀ بي ريش (**نوجوان**) هوندا سرمو پاتل اکيون ۽ 30سالن جا لڳندا ڪڏهن ان کان وڌيڪ نہ لڳندا. ❖ پوءِ ماڻهو **الله** عَزَّوَجَلَّ جي حڪم سان هڪ بازار ۾ ويندا جنهن ۾ چوڌاري ملائڪ هوندا ان ۾ اهي شيون هونديون جنهن جي مثل نہ اکين ڏٺو نہ ڪنن ٻڌو ۽ نہ دلن ۾ انهن جو خيال

گذريو هوندو، انهن مان جيڪي شيءِ چاهيندا انهن کي ملندي ۽ خريد وڪرو نہ هوندو جنّتي ان بازار ۾ هڪ ٻئي سان ملندا. ننڍي مرتبي وارو وڏي مرتبي واري کي ڏسندو ان جو لباس پسند ڪندو ۽ اجا گفتگو ختم ئي نہ ٿيندي تہ هو خيال ڪندو تہ منهنجو لباس ان کان سٺو آهي ۽ هي ان لاءِ آهي تہ جنّت ۾ ڪنهن جي لاءِ بہ ڏک ناهي. ❖ جنّتي پاڻ ۾ ملڻ چاهيندا تہ هڪ جو تخت ٻئي وٽ هليو ويندو. ۽ انهن ۾ **الله** عَزَّوَجَلَّ وٽ سڀ کان مُعَزّز اهو هوندو. ❖ جيڪو **الله** تعاليٰ جي وجهہ ڪريم جي ديدار سان هر صبح ۽ شام جو مُشَرَّف ٿيندو. ❖ جڏهن جنّتي جنّت ۾ ويندا **الله** عَزَّوَجَلَّ انهن کي فرمائيندو ڪجهہ ٻيو گهرو تا جيڪو توهانکي ڏيان؟ عرض ڪندا.. تو اسان جا منهن روشن ڪيا، جنّت ۾ داخل ڪيئي، جهنّم کان نجات ڏنئي. ❖ ان وقت پردو جيڪو مخلوق تي هيو هٽي ويندو تہ ديدارِ اِلاهِيءَ کان وڌيڪ انهن کا ڪابہ شيءِ نہ ملندي.

اَللّٰهُمَّ ارْزُقْنَا زِيَارَةَ وَجْهِكَ الْكَرِيْمِ بِجَاهِ حَبِيْبِكَ الرَّؤُوْفِ الرَّحِيْمِ عَلَيْهِ الصَّلَاةُ وَالتَّسْلِيْمُ، اٰمين!

ترجمو: يا الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي حبيب رؤف عليهِ الصلوٰة والتّسليم جي صدقي پنهنجو ديدار نصيب فرما (آمين)

اللہ کرم اتنا گنہ گار پہ فرما
جنت میں پڑوسی مرے آقا کا بنا دے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد
تُوبُوا اِلَی الله ! اَسْتَغْفِرُ الله
صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## حُورون حاصل ڪرڻ جو عَمَل

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! **غيبتن** ۽ گناهن ڀرين ڳالهين مان جان ڇڏايو ۽ پاڻ کي جنّت جو حقدار بڻايو. توري زبان لوڏيو "اَسْتَغْفِرُ اللهَ الْعَظِيْم" زبان تي آڻيو ۽ جنّت جون حورون حاصل ڪيو. جيئن ته هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه چاليهن سالن تائين **الله** عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ڪئي هڪ ڀيري دعا ڪيائون، **ياالله** عَزَّوَجَلَّ تنهنجي رحمت سان مونکي جيڪو ڪجهه جنّت ۾ ملڻ وارو آهي ان جي ڪا جَهلڪ دنيا ۾ به ڏيکار اجا دعا جاري هئي ته محراب هڪ دم ڦاٽي پيو ۽ ان مان هڪ حَسِين و جَمِيل حُورَ نڪتي. ان چيو ته توکي جنّت ۾ مون جهڙيون سؤ حُورُون عطا ڪيون وينديون. جن مان هر هڪ کي سؤ سؤ خادمائون ۽ هر خادمه کي سؤ سؤ ٻانهيون هونديون ۽ هر ٻانهي تي سَؤ سَؤ نَاظمائون (**انتظام ڪرڻ واريون**) هونديون اهو ٻڌي ڪري اهو بزرگ خوش ٿيو ۽ سوال ڪيائين. ڇا ڪنهن کي جنّت ۾ مونکان وڌيڪ به ملنديون. جواب مليو ايترو ته هر ان عام جنتيءَ کي ملنديون جيڪو صُبح ۽ شام اَسْتَغْفِرُ اللهَ الْعَظِيْم پڙهندو آهي. (رَوض الرّياحِين ص 55)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مسلمانن جي عِزت وغيره
## ٻئي مسلمان تي حَرام آهي

**نَبين جي سُلطان**، رَحمتِ عَالميان، محبوبِ رحمٰن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عِبرَت نِشان آهي مُسلمان جون سڀ شيون مسلمان تي حرام آهن ان جو مال ۽ ان جي **عِزت** ۽ ان جو خون ڪنهن ماڻهوءَ جي

بُري هجڻ جي لاءِ ايترو ئي ڪافي آهي جو اهو پنهنجي مسلمان ڀاءُ کي حقير سمجهي. (سُنَنِ ابي داود ج4ص354 حديث 4882)

## تڪبر ڇا کي چوندا آهن

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڀاڻ ڪان ڪنهن کي گهٽ سمجهڻ ان کي **تڪبُّر** چئبو آهي، تڪبُّر هڪ تہ خود **حرام** آهي ۽ وڌيڪ ان جي سبب **غيبت** جو گناهہ بہ ٿيندو آهي. مغرور ماڻهو جنهن کي حقير (يعني گهٽ سمجهندو) آهي، ان تي ٺٺول بہ ڪندو آهي.

**اللّٰہ** عَزَّوَجَلَّ 26 سِيپاري **سُورةُ الحُجُرَات آيت نمبر 11 ۾ فرمائي ٿو:**

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا يَسْخَرْ قَوْمٌ مِّنْ قَوْمٍ عَسٰۤى اَنْ يَّكُوْنُوْا خَيْرًا مِّنْهُمْ وَ لَا نِسَآءٌ مِّنْ نِّسَآءٍ عَسٰۤى اَنْ يَّكُنَّ خَيْرًا مِّنْهُنَّ ۚ

**ترجموڪنزالايمان:** اي ايمان وارؤ! مرد، مردن تي ٺٺول نہ ڪن عجب نہ آهي جو اُهي ٺٺول ڪندڙن کان بهتر هجن ۽ نہ عورتون عورتن سان، ٿي سگهي ٿو جو اهي مسخري ڪندڙين کان بهتر هجن. (پ ٢٦، الحجرات، ١١)

## ڪنهن کي حقارت سان نہ ڏسو

**حضرت سيّدنا** اِمام احمد بن حَجَر مڪي شافِعِي رَحْمَةُ اللهِ عليه هن آيت جي تحت فرمائن ٿا "سُخرِيہ" مان مراد هي آهي جنهن کي ٺوڪيو وڃي، ان ڏانهن حقارت سان ڏسڻ، هن حڪمِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ جو مقصد هي آهي تہ ڪنهن کي حقير نہ سمجهو، ٿي سگهي ٿو تہ هو **اللّٰہ** عَزَّوَجَلَّ وٽ توهان کان بهتر اَفضل ۽ زياده مُقَرَّب هجي. جيئن تہ سرڪارِ ابد قرار، شافعِ روزِ شُمار، ٻنهي جهانن جي مالڪ ۽ مختار صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ خوشبودار آهي. "ڪيترائي پريشان حال، ۽ پراڻن ڪپڙن وارا

اهڙا آهن جنهن جي کو پرواھ نتو کري پر جيکڏهن هو الله عَزَّوَجَلَّ تي کنهن ڳالھ جو قسم کڻن تہ اهو الله عَزَّوَجَلَّ ضرور ان کي پورو فرمائيندو آهي.“ (سُنَنِ ترمِذي ج 5 ص 459 حديث 3880) ابليسِ لَعِين حضرت سَيِّدُنا آدم صَفِيِ الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي حقير سمجهيو تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان کي هميشہ هميشہ لاءِ خَسَاري (يعني نقصان) ۾ مُبتَلَا کري ڇڏيو. ۽ حضرت سَيِّدُنا آدم صَفِيِ الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام هميشہ جي عزت سان گڏ ڪامياب ٿي ويا، انهن ٻنهي ۾ وڏو فرق آهي، هتي ان معنیٰ جو بہ اِحتِمَال (امڪان آهي) تہ ڪنهن ٻئي کي حَقِير نہ سمجهہ ان لاءِ جو ممڪن آهي تہ هو عزت وارو ٿي وڃي، ۽ تون ذليل ٿي وڃين پوءِ هو توکان بدلو وٺي.

لَا تُهِيْنَ الْفَقِيْرَ عَلَّكَ اَنْ تَرْكَعَ يَوْمًا وَّ الدَّهْرُ قَدْ رَفَعَهُ

يعني: فقير (غريب ماڻهوءَ) جي توهين نہ ڪر شايد تون ڪنهن ڏينهن فقير (يعني غريب) ٿي وڃي، ۽ زماني جو مالڪ عَزَّوَجَلَّ ان کي امير ڪري ڇڏي.
(الزّواجِرُ عَنِ اقتِرافِ الکبائر ج 2 ص 11)

## مُسلمان ڪير؟ مُهاجر ڪير؟

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** مسلمانن لاءِ ضروري آهي تہ ان جي ذات ڪان ڪنهن مسلمان کي ڪنهن بہ طرح جي ناحق تڪليف نہ پهچي . نہ ان جو مال ڦري، نہ عزت خراب ڪري، نہ ان کي ڌڙڪا ڏئي، نہ ان کي ماري ۽ پڻ مسلمانن کي پاڻ ۾ جهڳڙن (وڙهڻ) سان کهڙو واسطو! هي تہ هڪ ٻئي جا مُحافِظ هوندا آهن، جيئن الله عَزَّوَجَلَّ جي مَحبوبِ دَانَاءِ غُيُوب مُنَزَّہ عنِ العُيُوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ هدايت نشان آهي (ڪامل) مسلمان اهو آهي جنهن جي زبان ۽ هٿ ڪان ٻئي مسلمان کي

تڪليف نہ پهچي ۽ (ڪامل) **مُهاجر** اهو آهي جيڪو ان شيءِ کي ڇڏي ڏئي جنهن کان **الله** تعاليٰ منع فرمايو آهي. (صَحِيح بُخاري ج1 ص15 حديث 10)

**هن** حديثِ پاڪ جي تحت **مُفسِّرِ** شَهِير حَكِيمُ الأُمّت حضرت مُفتِي اَحمَد يار خان رَحمَةُ اللهِ عَلَيه فرمائن ٿا ڪامل مسلمان اهو آهي جيڪو **لُغةً** (يعني لغوي اعتبار سان) ۽ شرعاً بہ هر طرح مسلمان هجي (۽) مومن اهو آهي جيڪو ڪنهن مسلمان جي **غيبت** نہ ڪري گاريون نہ ڏئي. طعنا ۽ چغلي وغيره نہ هڻي نہ ڪنهن کي ماري نہ ان جي خلاف ڪجھ لکي، وڌيڪ فرمائن ٿا ڪامل مهاجر اهو مسلمان آهي، جيڪو وطن ڇڏڻ سان گڏ گناهہ بہ ترڪ ڪري يا گناهہ ڇڏڻ بہ لُغةً هجرت آهي جيڪا هميشہ رهندي. (مراة المناجيح ج1 ص 29)

## اِشاري سان تَڪليف ڏيڻ بہ جائِز نہ آهي

**سرڪارِ مدينہ** منوره سردارِ مڪہ مڪرمہ صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: **ڪنهن مسلمان کي جائز ناهي تہ هو ڪنهن مسلمان کي خوفزده ڪري.** (سُنَنِ ابي داود ج4 ص 391 حديث 5004) هڪ ٻئي مقام تي ارشاد فرمايائون: **مسلمان** لاءِ جائز نہ آهي تہ ڪنهن مسلمان ڏانهن اک سان اهڙيءَ طرح اشارو ڪري جنهن سان ان کي تڪليف پهچي.
(اَلزُّهد لِابنِ مُبارَڪ ص 240 رقم 689 ، اِتحافُ السّادة للزّبيدي ج7 ص 177 )

## خَوفناڪ خَارِش

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** مسلمان کي تڪليف ۽ ايذاء ڏيڻ تہ گهڻو آسان لڳندو آهي، ڪنهن کي دڙڪا ڏنائين، ڪنهن جي بي عِزّتي ڪري ڇڏيائين، ڪنهن جي **غيبت** ڪيائين! ڪنهن تي تُهمت هيائين، پر رَبّ العِزّت عَزَّوَجَلَّ جي ناراضگي جي صورت ۾ آخرت ۾ هي سڀ ڏاڍو

مهانگو پئجي ويندو. جيئن تہ دعوتِ اِسلاميءَ جي اِشاعتِي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل رسالي (ظلم کا انجام) صفحي 21 تي آهي: حضرت سيّدنا يزيد بن شَجَره رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا جيئن سمنڊ جا ڪِنارا هوندا آهن اهڙي طرح جهنّم جا بہ ڪنارا آهن جن ۾ بُختي اُٺن (تيز ۽ ڊگهن اُٺن) جهڙا نانگ ۽ خَچرن جهڙا وِڇون رهندا آهن. جهنّم وارا جڏهن عذاب جي گهٽتائيءَ لاءِ فرياد ڪندا تہ حڪم ٿيندو تہ ڪِنارن کان ٻاهر نڪرو، اهي جيئن ئي ٻاهر نڪرندا تہ اهي نانگ انهن کي چپن ۽ چهرن کا پڪڙي وٺندا ۽ انهن جي کل بہ لاهيندا. اهي ماڻهون اتان کان بچڻ لاءِ ٻاهر جي طرف ڀڄندا پوءِ انهن تي خارش مُسَلَّط ڪئي ويندي اهي ايتري تہ خارش ڪندا جو انهن جو سڄو گوشت ڳري ويندو ۽ صرف هڏيون باقي رهنديون، پُڪار ٿيندي، **اي فُلانا!** ڇا توکي تڪليف ٿي رهي آهي؟ هو چوندو ها.. تہ انکي چيو ويندو هي ان ايذاءَ جو بدلو آهي جيڪا تون مَومِنن کي ڏيندو هئين. (اَلتّرغيب وَالتَّرهِيب ج4 ص280 حديث 5649)

اے خاصہ خاصانِ رُسُل وقتِ دعا ہے
امت پہ تری آکے عجب وقت پڑا ہے
تدبیر سنبھلنے کی ہمارے نہیں کوئی
ہاں ایک دعا تیری کہ مقبولِ خدا ہے

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## جشنِ ولادت جي برڪت سان قسمت ڦِري وئي

**غيبت ڪرڻ** ۽ ٻڌڻ جي عادت ختم ڪرڻ ۽ نمازُن ۽ سُنّتن تي عمل ڪرڻ جي عادت وجهڻ لاءِ **دعوتِ اِسلامي جي مدني ماحول** سان هميشہ

وابستہ رهو. سُنّتن جي تربيت لاءِ **مَدنِي قافِلن** ۾ عَاشِقانِ رَسول سان گڏ سنّتن ڀريو سفر ڪيو. ڪامياب زندگي گذارڻ ۽ آخرت سَنوارڻ لاءِ **مدني اِنعامات** جي مطابق عمل ڪري روزانو فڪرِ مدينہ جي ذريعي رسالو ڀريو ۽ هر مَدنِي مهيني جي 10 تاريخ جي اندر اندر پنهنجي ذميدار وٽ جمع ڪرايو ۽ **عاشقانِ رسول** سان گڏ ملي ڪري جَشنِ ولادت جون خوب ڌومون مچايو. هن جي برڪت جي ٻہ ڇا ڳالھ ڪجي!

**شهر تَراڙ** کل ضلعي سَڌنوتي (**ڪشمير**) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ رَبِيعُ النّور شَريف 1430ھ جي ٻارهينءَ جي رات اسانجي مَسجِد ۾ **جشنِ ولادت** جي خوشيءَ ۾ سَبز جَهنڊن ۽ بَتِيُن سان مسجد کي سينگاريو ويو هو. انهيءَ حالت ۾ چار شخص جيڪي نَشئي هئا مسجد جي امام صاحب جي خدمت ۾ حاضر ٿي ڪري عرض ڪرڻ لڳا، اسان نشي ڪرڻ جي تياري ڪري رهيا هئاسين تہ خيال آيو ڇا اسان اڄ عيدِ مِيلادُ النّبِي صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي رات بہ نَشي جو گناھ ڪنداسين! چونہ اسان توبہ ڪيون انهيءَ لاءِ اوهان وٽ حاضر ٿيا آهيون! اهڙي طرح انهن توبہ ڪئي ۽ مسجد ۾ ٿيڻ واري (**اجتماع**) **جشنِ ولادت** جون بهارون لُٽڻ ۾ شريڪ ٿي ويا. اِمام صاحب **دعوتِ اسلامي** جي ذميداران سان رابطو ڪيو اسلامي ڀاءُ مَسجِد ۾ پهتا ۽ انهن هنن سان سني طريقي سان ملاقات ڪئي ۽ فورًا **مدنِي قافِلي** جي جدول جي مطابق انهن جي تربيت شروع ڪري ڇڏي. انهن جو سکڻ ۽ سيکارڻ جو شوق ڏسڻ جهڙو هو، اَلحَمدُ لِله **جشنِ ولادت** جي بَرڪت سان انهن ڇئني نماز جي پابندي نِڀائڻ، ڏاڙهي مبارڪ سَجائِڻ، 63 ڏينهن جي سُنّتن ڀريي تربيتي ڪورس جي سَعادت پَائِڻ، ۽ مسجدن کي آباد ڪرڻ وغيره نيڪيون

ڪرڻ جون سنيون سنيون نِيَّتُون ڪيون ۽ پڻ گهروارن سميت سلسلہ عَاليہ، قَادريہ رَضويہ ۾ داخل ٿي ڪري **عَطّارِي** ٿي ويا. هي بيان ڏيڻ وقت **دعوت اسلامي** جي مدني ماحول سان وابستہ ٿيندي انهن کي ڪجهہ ئي ڏينهن ٿيا آهن ۽ اهي هن وقت سنّتن جي تربيت جي 12 ڏينهن جي **مَدنِي قَافِلي** ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سُنّتن ڀَريي سَفر ۾ آهن.

خوب جھوموا ے گنہگارو تمہاری عید ہے — ہو گیا بخشش کا ساماں عیدِ میلادُالنّبی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! — صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## چِراغان بَتين جي جُهرمُر ڏسـي
## ڪري ڪافِر جو قبول اِسلام

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان جشنِ ولادت جون بہ ڇا خوب مدني بهارون آهن، **عاشقانِ رسول** جشنِ ولادت ملهائيندا آهن ان جي ڪري ئي تہ انهن نشي ڪندڙن کي هن رحمتن ڀري رات جي خبر پئي ۽ انهن جي دل ۾ احترام پيدا ٿيو ۽ سڏا اچي ان مسجد پهتا جنهن ۾ **جشن ولادت جو چراغان** (لائٽنگ) ٿي رهيو هيو ۽ **سبز سَبز پَرچَم** لوڏي رهيا هئا. جشنِ ولادت جي چَراغان جي تہ کهڙي ڳالھ آهي، هڪ اسلامي ڀاءُ مونکي ٻڌايو تہ.. هڪ ڀيري **جشنِ ولادت** جي موقعي تي مسجد کي سجائي **(ڪُنوار)** ٺاهيو ويو هو هڪ غير مسلم ويجهي کان گذريو، ان سِينگار جي باري ۾ معلومات ڪئي، جڏهن انکي ٻڌايو ويو تہ اسان پنهنجي پياري نبي صَلَّی اللہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت جي خوشيءَ ۾ هي **عَظِيمُ الشّان** چراغان ڪيو آهي تہ ان جو

دل نبيِّ آخِرِ الزَّمان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عَظمَت سان پرجي ويو تہ اڄ ولادت کي 1500 سال گذري ويا آهن ان جي باوجود مسلمان پنهنجي نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ايتري قدر اِنتظام ۽ شان و شوکت سان جَشنِ ولادت ملهائينيدا ۽ پنهنجي مسجدن ۽ گهرن کي هيئن سجائيندا آهن (تہ) بس اهو ئي دين سچو آهي. اَلۡحَمۡدُلِلّٰه هن ڪفر کان توبهہ ڪئي ۽ ڪلمو پڙهيو ۽ مسلمان ٿي ويو.

## جشنِ ولادت جي چراغان جي روشني

**دعوت اسلاميءَ جي** اِشاعتي اداري مَڪتبةُ المَدينہ جي شايع ٿيل 561 صَفحن تي مُشتمل ڪتاب "**مَلفُوظاتِ اعليٰ حضرت**" (مڪمل) **صفحي** 174 تي آهي:

**عـــرض**: مِيلاد شريف ۾ جهاڙ (**پنجن شاخن جو مشعل**) فَانُوس (**هڪ قسم جي بتي، جنهن تي پنجري جي شڪل وانگر سنهڙو ڪپڙو يا ڪاغذ چڙهيل هوندو آهي جيڪو گهمائڻ يا هوا جي هلڻ جي ڪري ڦرندو آهي**) فُرُوش (**هي فرش جو جمع آهي**) وغيره سان زَيب وزِينت اِسراف آهي يا نہ؟ **ارشـــاد**: عُلماءَ فرمائن ٿا لَا خَيۡرَ فِي الۡاِسۡرَافِ وَلَا اِسۡرَافَ فِي الۡخَيۡرِ (يعني اِسراف ۾ ڪا ڀلائي ناهي ۽ ڀلائيءَ جي ڪمن ۾ خرچ ڪرڻ ڪو اِسراف ناهي) جنهن شيءِ سان ذِڪر شَريف جي تَعظِيم مَقصُود هجي هرگز **منع نٿي ٿي سگهي**

## هڪ هزار ڏِيئا

**اِمام غزالي** رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه **اِحياءِ العُلوم** شريف ۾ سيّد اَبو عَلي رُوذبارِي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کان نقل ڪيو آهي تہ هڪ نيڪ ٻانهي ذڪر شريف جي مجلس قائم ڪئي ۽ ان ۾ هڪ هزار ڏِيئا روشن ڪيا هڪ ماڻهو

جيڪو رڳو ظاهر ئي ڏسندو هو اتان ڪان لنگهيو، اها ڪَيفِيت ڏسي واپس وڃڻ لڳو مَجلِس قائم ڪرڻ واري (**بَانِيءِ مَجلِس**) ان جو هٿ پڪڙيو ۽ اندر وٺي ويو، ۽ ان کي چيائين جيڪو ڏيئو مان غيرِ خدا لاءِ روشن ڪيو آهي ان کي وسائي ڇڏ، هن ڏاڍيون ڪوششون ڪيون پر ڪوبہ ڏِيئو تڏو نہ ٿيو (يعني نہ وساميو). (اِحياءُ العُلوم ج2 ص 26 مُلخصا)

لہراؤ سبز پرچم اے اسلامی بھائیو! گھر گھر کرو چراغاں کہ سرکار آگئے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

تُوبُوا اِلَى الله ! اَسْتَغْفِرُ الله

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عزوجل جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❁ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❁ روزانو ”فڪرِ مدينہ“ جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“ اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل پنهنجي اصلاح جي لاءِ ”مدني انعامات“ تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ ”مدني قافلن“ ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل










عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net